# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 2012
# SINDH ACT NO.VIII OF 2012
# انڊس يونيورسٽي ايڪٽ، 2011
# THE INDUS UNIVERSITY ACT, 2011
## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. هيئت

Incorporation

4. يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم

Powers and Functions of the University

**باب ـ III**

**يونيورسٽي جا عملدار**

**Chapter_III**

**Officers of the University**

5. يونيورسٽي جا عملدار

Officers of the University

6. سرپرست

The Patron

7. معائنو

Visitation0

8. چانسيلر

The Chancellor

9. وائيس چانسيلر

Vice Chancellor

10. وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Vice Chancellor

11. پرو وائيس چانسيلر

Pro Vice Chancellor

12. رجسٽرار

Registrar

13. ماليات جو ڊائريڪٽر

Director of Finance

14. امتحانن جو ڪنٽرولر

Controller of Examinations

15. ريزيڊنٽ آڊيٽر

Resident Auditor

16. پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جو ڊائريڪٽر

Director of Planning and Development

## باب _IV

## يونيورسٽي جون اختياريون

## Chapter_IV

## Authorities of the University

17. اٿارٽيز

Authorities

18. بورڊ آف گورنرس

Board of Governors

19. بورڊ جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and Duties of the Board

20. بورڊ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

21. اڪيڊمڪ ڪائونسل

Academic Council

22. اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون

Powers and duties of the Academic Council

## باب _V

## قانون، ضابطا ۽ قاعدا

## Chapter_V

## Statutes, Regulations and Rules

23. اسٽيچوٽس

Statutes

24. ضابطا

Regulations

25. اسٽيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of statutes and regulations

26. قاعدا

Rules

## باب _VI

## يونيورسٽي فنڊ

## Chapter_VI
## University Fund

27. يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
The University Fund, Audit and Accounts

## باب _VII
## عام گنجائشون
## Chapter_VII
## General Provisions

28. اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جو مدو
Term of office of members of Authorities
29. اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي
Filling of Casual Vacancies in Authorities
30. اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار
Disputes about membership of Authorities
31. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, Functions and Powers of other Authorities
32. اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري
Appointment of Committee by the Authority
33. فرسٽ اسٽيچوٽس
First Statutes
34. رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties
35. اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ
Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies
36. دائره اختيار تي پابندي

Bar of Jurisdiction

37. منسوخي ۽ حفاظت

Repeal and Saving

38. ضمانت

Indemnity

## فرسٽ اسٽيچوٽس
## The First Statutes
## (ڏسو دفعہ 45)
## (See section 45)

1. فيڪلٽيز

Faculties

2. بورڊ آف فيڪلٽيز

Board of Faculties

3. ڊينس

Deans

4. تدريسي شعبو

Teaching Department

5. بورڊ آف اسٽڊيز

Board of Studies

6. اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ

Board of Advanced studies and Research

7. سليڪشن بورڊ

Selection Board

8. ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي

The finance and Planning Committee

9. نظم و ضبط کمیٹی اور اس کے کام

Discipline Committee and its functions

10. الحاق کمیٹی

Affiliation Committee

# سنڌ ايڪٽ نمبر VIII مجريہ 2012
# SINDH ACT NO.VIII OF 2012
## انڊس يونيورسٽي ايڪٽ، 2011
## THE INDUS UNIVERSITY ACT, 2011

[2 اپريل 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي انڊس انسٽيٽيوٽ آف هائير ايجوڪيشن جو درجو وڌائي ڪراچي ۾ انڊس يونيورسٽي جو رتبو ڏنو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ انڊس انسٽيٽيوٽ آف هائير ايجوڪيشن جو درجو وڌائي ڪراچي ۾ انڊس يونيورسٽي جو رتبو ڏيڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي انڊس يونيورسٽي ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "اڪيڊمڪ ڪائونسل" مطلب يونيورسٽي جي اڪيڊمڪ ڪائونسل؛

(b) "الحاق شده ڪاليج" مطلب يونيورسٽي سان الحاق ٿيل ڪاليج پر ان طرفان سنڀاليو يا هلايو نہ وڃي؛

(c) "اٿارٽي" مطلب دفعہ 16 مطابق يونيورسٽي جي

اٿارٽيز مان ڪا هڪ؛
(d) “بورڊ” مطلب يونيورسٽي جو بورڊ آف گورنرس؛
(e) “چيئرپرسن” مطلب تدريسي شعبي جو چيئرپرسن؛
(f) “چانسيلر” مطلب يونيورسٽي جو چانسيلر؛
(g) “ڪاليج” مطلب هڪ ڪاليج جنهن ۾ شامل آهي ادارو جنهن ۾ عام، فني پروفيشنل تعليم يا ٻين اعليٰ سکيا ۽ ٻين مضمونن ۾ تعليم ڏني وڃي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛
(h) “جوڙيل يا قائم ڪيل ڪاليج” مطلب ادارو يا ڪاليج جيڪو يونيورسٽي طرفان سنڀاليو يا انتظام ڪيو وڃي؛
(i) “ڊين” مطلب فيڪلٽي جو سربراهه؛
(j) “ڊائريڪٽر” مطلب تدريسي يا انتظامي ڊويزن يا اداري جو هيڊ؛
(k) “فيڪلٽي” مطلب يونيورسٽي جي فيڪلٽي؛
(l) “فائونڊيشن” مطلب پاڪستان نيشنل بلڊنگ مٽيريل ڊسپلي سينٽر فائونڊيشن جيڪا 11 جنوري 2002 تي ڊيڊ آف فائونڊيشن تحت قائم ڪئي وئي ۽ رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 تحت رجسٽريشن نمبر 0006 مجريه 2002 هيٺ رجسٽر ڪئي وئي.
(m) “حڪومت” مطلب سنڌ حڪومت؛
(n) “ايڇ اي سي” مطلب هائير ايجوڪيشن ڪميشن، گورنمينٽ آف پاڪستان؛
(o) “عملدار” مطلب دفعه 5 تحت يونيورسٽي جي

عملدارن مان ڪو هڪ؛
(p) "سرپرست" مطلب يونيورسٽي جو سرپرست؛
(q) "بيان ڪيل" مطلب قانون، ضابطن ۽ قاعدن ۾ بيان ڪيل؛
(r) "پرو وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر؛
(s) "پروفيسر اميريٽس" مطلب هڪ رٽائرڊ پروفيسر جيڪو يونيورسٽي ۾ اعزازي طور ڪم ڪري رهيو هجي؛
(t) "رجسٽرار" مطلب يوبورسٽي جو رجسٽرار؛
(u) "قانون، ضابطا ۽ قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت ترتيبوار جوڙيل قانون، ضابطا ۽ قاعدا.
(v) "تدريسي شعبو" مطلب يونيورسٽي جو هڪ پڙهائي وارو شعبو؛
(w) "استاد" مطلب ڪل وقتي استاد جهڙوڪ پروفيسر، ايسوسيئيٽ پروفيسر، اسسٽنٽ پروفيسر ۽ ليڪچرر ۽ اهڙا ٻيا ماڻهو جيڪي استاد طور واضح ڪيا وڃن؛
(x) "يونيورسٽي" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل انڊس يونيورسٽي؛
(y) "وائيس چانسيلر" مطلب يونيورسٽي جو وائيس چانسيلر؛

هيئت
Incorporation

3.(1) هڪ يونيورسٽي قائم ڪئي ويندي، جنهن کي انڊس يونيورسٽي سڏيو ويندو، جيڪا چانسيلر، وائيس چانسيلر، ڊينس، ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس جي چيئرمين ۽

بورڊ جي ميمبرن اڪيڊمڪ ڪائونسل جي ميمبرن ۽ اهڙن ٻين عملدارن تي مشتمل هوندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) يونيورسٽي انڊس يونيورسٽي جي نالي سان فائونڊيشن جي مالڪي هيٺ هڪ باڊي ڪارپوريٽ هوندي، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ڄاڻايل نالي سان ڪيس ڪري سگهندي ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

(3) يونيورسٽي ٻنهي قسم جي متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت حاصل ڪرڻ، ليز تي وٺڻ، وڪرو ڪرڻ يا ٻي صورت ۾ ڪنهن متحرڪ يا غير متحرڪ ملڪيت کي منتقل ڪرڻ لاءِ مجاز هوندي، جيڪا ان ۾ شامل هجي يا ان طرفان حاصل ڪئي وئي هجي.

(4) يونيورسٽي هر ڪنهن مذهب جي هر ڪنهن جنس سان تعلق رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل هوندي، انهن جو تعلق ڀل کهڙي به جنس، ڪنهن به مذهب، نسل، طبقي، رنگ يا ڪنهن به رهائشي هنڌ سان هجي، جيڪي يونيورسٽي طرفان پڙهايا ويندڙ ڪورسن ۾ تعليم وٺڻ جي داخلا لاءِ اهل هجن ۽ اهڙي ڪنهن به شخص کي اهڙي بنياد تي داخلا کان منع نه ڪيو ويندو.

(5) يونيورسٽي ڪيمپس، قائم ٿيل ڪاليجن يا ادارن ۽ لاڳاپيل ادارن تي اخلاقي ۽ سماجي اصول لاڳو ٿيندا جيڪي قرآن ۽ حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جي سنت جي رهنما اصولن مان اخذ ڪيا ويندا.

(6) يونيورسٽي صوبي ۾ يا صوبي کان ٻاهر ڪمپس يا

ڪيمپسز جوڙڻ لاءِ حڪومت طرفان وقت بوقت جاري ڪيل رهمائي يا هدايتن تحت اپاءَ وٺندي.

يونيورسٽي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and Functions of the University

4. حڪومت طرفان وقت بوقت جاري ڪيل هدايتن موجب يونيورسٽي کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(a) سکيا جي اهڙين شاخن ۾ تعليم مهيا ڪرڻ، جيئن اها مناسب سمجهي، ۽ ڄاڻ جي واڌاري ۽ ترقي لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن اها طئي ڪري؛ بشرطيڪ ميڊيسن جي فيڪلٽي پاڪستان ميڊيڪل اينڊ ڊينٽل ڪائونسل جي گهرجن موجب قائم ڪئي ويندي؛

(b) پنهنجو الحاق ڪرڻ يا ٻين ادارن سان جوڙڻ ۽ تعليم جي بهتري لاءِ پنهنجا ڪم ۽ ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ فيڪلٽيز ۽ ٽيچنگ ڊپارٽمينٽس قائم ڪرڻ؛

(c) پڙهائي جا ڪورس ۽ نصاب واضح ڪرڻ؛

(d) داخلا ڏيڻ ۽ امتحان وٺڻ ۽ انهن ماڻهن کي جن ڄاڻايل شرطن موجب داخلا ورتي هجي ۽ امتحان پاس ڪيا هجن انهن کي ڊگريز، ڊپلوماز، سرٽيفڪيٽس ۽ ٻيا تعليمي اعزاز ڏيڻ؛

(e) ڄاڻايل طريقيڪار موجب منظور ٿيل ماڻهن کي اعزازي ڊگريون يا اعزاز ڏيڻ؛

(f) سکيا جي سمورين شاخن ۾ فيڪلٽيز، تدريسي شعبا، تحقيقي ادارا ۽ ٻيا سکيا جا مرڪز قائم ڪرڻ ۽ ٻين فيڪلٽيز کي تعليم، پروفيشنل تربيت ۽ تحقيق ۾ سهڪار ڪرڻ؛

(g) تعليمي ادارن جو الحاق ڪرڻ يا الحاق ختم

ڪرڻ ۽ الحاق ٽيل يا الحاق چاهيندڙ ڪاليجن ۽ ٻين تعليمي ادارن جي جاچ پڙتال ڪرڻ؛

(h) قاعدن قانونن مطابق ٻين يونيورسٽيز ۽ پبلڪ اٿارٽيز سان اهڙي معاملي ۾ اهڙن مقصدن لاءِ سهڪار ڪرڻ؛

(i) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسرشپس، اسسٽنٽ پروفيسرشپس ۽ ليڪچررشپس ۽ ٻيون آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(j) تحقيق، ترقي، انتظامي ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ماڻهو مقرر ڪرڻ؛

(k) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز برسريز، ميڊلس ۽ انعام پيدا ڪرڻ ۽ ڏيڻ، جيئن شرطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(l) يونيورسٽي جي شاگردن جي رهائش جو انتظام ڪرڻ، رهائش جا هالس ناهڻ ۽ سنڀالڻ ۽ هاسٽلس ۽ لاجنگس کي منظور ڪرڻ ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(m) يونيورسٽي جي شاگردن جي نظم و ضبط تي نظرداري ڪرڻ ۽ ضابطو رکڻ، شاگردن جي ايڪسٽرا ڪيوريڪولر ۽ تفريحي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ ۽ انهن جي صحت ۽ عام ڀلائي کي هٿي وٺرائڻ لاءِ انتظام ڪرڻ؛

(n) اهڙيون فيس ۽ ٻيون چارجز طلب ڪرڻ ۽ حاصل ڪرڻ جيئن اها طئي ڪري؛

(o) نيڪن ۾ شامل ٿيڻ، هلائڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(p) ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ سنڀالڻ، يونيورسٽي کي ڪيل گرانٽس، وصيتن، ٽرسٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين چندن کي سنڀالڻ ۽ انهن کي اهڙيءَ ريت سيڙائڻ جيئن مناسب هجي؛

(q) ڪوجنا جي شاخن ۾ اهڙي تحقيق ڪرڻ جيئن اها ٻين سکيا جي شاخن لاءِ طئي ڪري؛

(r) تحقيق ۽ ٻين ڪمن جي ڇپائي ۽ پڌرائيءَ جو بندوبست ڪرڻ؛

(s) تعليمي ۽ انتظامي سرگرمين لاءِ مختلف باڊيز ۽ ڪميٽيز لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ جيئن بورڊ طئي ڪري؛

(t) اهڙا عملدار ۽ اسٽاف مقرر ڪرڻ ۽ اهڙن عملدارن ۽ اسٽاف جا شرط ۽ ضابطا، اختيار ۽ ذميواريون متعين ڪرڻ؛

(u) تعليمي معيارن جي بهتري لاءِ ٻين ادارن سان تعليمي رابطا قائم ڪرڻ ۽ سهڪاري سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ؛ ۽

(v) اهڙا ٻيا سمورا قدم کڻڻ ۽ عمل ڪرڻ جيڪي ان جي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هجن.

باب _III
يونيورسٽي جا عملدار
Chapter_III
Officers of the University

## باب _III

## يونيورسٽي جا عملدار

## Chapter_III

## Officers of the University

يونيورسٽي جا عملدار
Officers of the

5. يونيورسٽي جا هيٺيان عملدار هوندا:

(i)چانسيلر؛

University

(ii) وائيس چانسيلر؛
(iii) پرو وائيس چانسيلر؛
(iv) ڊينس؛
(v) ڊائريڪٽرس؛
(vi) تدريسي شعبن جا چيئرپرسنس؛
(vii) رجسٽرار؛
(viii) ماليات جو ڊائريڪٽر؛
(ix) پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جو ڊائريڪٽر؛
(x) امتحانن جو ڪنٽرولر
(xi) ريزيڊنٽ آڊيٽر
(xii) لائبريرين؛ ۽
(xiii) اهڙا ٻيا ماڻهو جن کي يونيورسٽي جي عملدار طور ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سرپرست
The Patron

6. (1) سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جو سرپرست هوندو.
(2) سرپرست، جڏهن موجود هجي، يونيورسٽي جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.

معائنو
Visitation

7. (1) سرپرست يونيورسٽي سان لاڳاپيل معاملن سان ڪنهن بہ مسئلي جي سلسلي ۾ معائنو يا جاچ ڪرائي سگهي ٿو ۽ وقت بوقت هدايت ڪندو ۽ ڪو ماڻهو يا شخصيتون هيٺين معاملن جي جاچ يا ڇنڊڇاڻ لاءِ مقرر ڪري سگهي ٿو:
(a)يونيورسٽي، ان جي عمارت، لائبريريز ۽ ٻيون سهولتون؛
(b)ڪو ادارو، شعبو يا يونيورسٽي جي هٿ هيٺ هاسٽل؛

(c)مالي ۽ افرادي وسيلن جي موزونيت؛
(d)تدريس، تحقيق، نصاب، امتحان ۽ ٻيا يونيورسٽي جا معاملا؛ ۽
(e)اهڙا ٻيا ڪي معاملا جيئن سندس طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

**چانسيلر**
**The Chancellor**

8.(1) چانسيلر هڪ ناميارو شخص هوندو، جيڪو ڄاڻ جي حوالي سان معاشري جي خدمتن طور ڄاتل سڃاتل هوندو ۽ پنهنجي اعليٰ اخلاق ۽ علمي بيهڪ رکندڙ طور پسنديده هوندو.
(2)ذيلي دفعه (1) موجب فائونڊيشن جو چيئرپرسن يونيورسٽي جو چانسيلر هوندو، جيڪو فائونڊيشن طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو جيئن اها طئي ڪري.
(3)چانسيلر سرپرست جي غير موجودگيءَ ۾ يونيورسٽيءَ جي ڪانووڪيشن جي صدارت ڪندو.
(4)اعزازي ڊگري ڏيڻ لاءِ هر تجويز جي چانسيلر کان تصديق ڪرائي ويندي.
(5) چانسيلر ڪنهن شخص کي ڪنهن اٿارٽي جي ميمبر شپ تان هٽائي سگهي ٿو، جيڪڏهن اهڙو شخص:
(a) ذهني توازن وڃائي ويهي ٿو؛ يا
(b) ميمبر طور ڪم ڪرڻ کان نااهل ٿي وڃي ٿو؛ يا
(c) جنهن کي پاڪستان جي ڪنهن عدالت طرفان اخلاقي گستاخي جي ڏوهه ۾ سزا ٻڌائي وئي هجي.
(6) جيڪڏهن چانسيلر مطمئن آهي ته ڪنهن اٿارٽي

جون ڪارروايون هن ايڪٽ جي گنجائشن، قانون، ضابطن يا قاعدن موجب نہ آهن تہ اهو اهڙي اٿارٽي کي سبب ڄاڻائڻ لاءِ طلب ڪري سگهي ٿو تہ ڇو نہ اهڙين ڪارروائين کي ختم ڪيو وڃي، لکت ۾ حڪم ذريعي اهڙي ڪارروائي کي ختم ڪري سگهي ٿو.

(7) چانسيلر جي غير موجودگيءَ جي صورت ۾ يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري، وائيس چانسيلر يا بورڊ طرفان بااختيار بڻايل ڪو شخص چانسيلر جا سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ ان جون سموريون ذميواريون ۽ ڪم سرانجام ڏيندو.

(8) چانسيلر يونيورسٽي جي معاملن سان لاڳاپيل مسئلي جي جاچ لاءِ معائنو ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا شخصيتون مقرر ڪري سگهي ٿو، جيئن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ مناسب سمجهي.

(9) چانسيلر، ذيلي دفعہ (6) تحت رپورٽ ملڻ کانپوءِ، اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو مناسب سمجهي ۽ وائيس چانسيلر اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو.

وائيس چانسلير
Vice Chancellor

9.(1) وائيس چانسيلر، چانسيلر طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويندو، ان جو مدو چانسيلر جي صوابديد سان وڌيڪ ٽي سال وڌي سگهي ٿو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب جيئن چانسيلر طئي ڪري.

(2) ڪنهن بہ وقت جڏهن وائيس چانسيلر جو عهدو خالي هوندو، يا وائيس چانسيلر غير حاضر هوندو يا بيماري سبب پنهنجي آفيس جا ڪم ڪرڻ جي لائق نہ

هوندو يا ٻئي ڪنهن سبب جي ڪري ته چانسيلر وائيس چانسيلر جون ذميواريون نڀائڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪندو جيئن اهو مناسب سمجهي.

وائيس چانسيلر جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Vice Chancellor

10.(1) وائيس چانسيلر يونيورسٽي جو اعليٰ ترين تدريسي ۽ انتظامي آفيسر هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن، چانسيلر جي هدايتن، يونيورسٽي جي پروگرامن تي جوڳي نموني عملدرآمد ڪرائڻ جو ذميدار هوندو.

(2) وائيس چانسيلر، چانسيلر جي غير حاضري ۾، اهڙين اٿارٽيز جي گڏجاڻين جي صدارت ڪندو جن جو چانسيلر چيئرپرسن آهي.

(3) وائيس چانسيلر، ڪنهن هنگامي صورتحال ۾، جيڪا سندس خيال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ گهرندي هجي، اهڙو قدم کڻي سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي، جنهن کانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي، ان قدم بابت عملدار اٿارٽي يا باڊي کي رپورٽ ڪندو جنهن کي عام صورت ۾ معاملي کي حل ڪرڻو هيو.

(4)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان ٽڪراءَ ۾ اچڻ کانسواءِ، وائيس چانسيلر کي اهي اختيار پڻ حاصل هوندا ته:

(i) اهڙيون عارضي آساميون پيدا ڪرڻ ۽ ڀرتي ڪرڻ، جن جو مدو ڇهه مهينن کان وڌيڪ نه هجي؛

(ii) منظور ٿيل بجيٽ ۾ فراهم ڪيل سموري خرچ جي منظوري ڏيڻ ۽ خرچ جي ساڳين مکيه مدن ۾ فنڊ جي ڦير گهير ڪرڻ؛

(iii) غير متوقع ڪم لاءِ رقم منظور ڪرڻ يا ٻيهر ترتيب ڏيڻ جيئن بورڊ طرفان طئي ڪئي يا ٻيهر نظرثاني ڪئي وئي هجي، جيڪو بجيٽ ۾ نہ ڄاڻايو ويو هجي ۽ ان بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ رپورٽ ڪرڻ؛

(iv) لاڳاپيل اٿارٽيز جي پينلس جا نالا ملڻ ڪانپوءِ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن مقرر ڪرڻ؛

(v) پيپرس، گريڊس ۽ نتيجن جي ڇنڊ ڇاڻ لاءِ اهڙا انتظام ڪرڻ جيئن اهو ضروري سمجهي؛

(vi) يونيورسٽي جي استادن، عملدارن ۽ ٻين ملازمن کي پڙهائي، تحقيق، امتحانن ۽ انتظامن ۽ يونيورسٽي جي اهڙن ٻين معاملن جي سلسلي ۾ اهڙا ڪم ڪرائڻ جي هدايت ڪرڻ، جيڪي ضروري سمجهي؛

(vii) اهڙين ڪيٽيگريز لاءِ ملازم مقرر ڪرڻ، جن جي سلسلي ۾ بورڊ طرفان اختيار منتقل ڪيا ويا هجن؛

(viii) يونيورسٽي جي ڪنهن عملدار يا ملازمن کي اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب، جيڪڏهن ڪي هجن، هن ايڪٽ تحت پنهنجي اختيارن منجهان ڪي اختيار منتقل ڪرڻ؛ ۽

(ix) اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم ڪرڻ ۽ سرانجام ڏيڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

پرو وائيس چانسيلر
Pro Vice Chancellor

11. (1) چانسيلر، وائيس چانسيلر جي مشوري سان مين ڪيمپس يا اضافي ڪيمپس جيڪڏهن هجي، يا ٻنهي اضافي ڪيمپسز لاءِ گڏيل طور اهڙين شرطن ۽

ضابطن تحت پرو وائيس چانسيلر مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي عرصي لاءِ جيڪڏهن هڪ وقت ٽن سالن کان وڌيڪ نہ هجي، جيئن چانسيلر طئي ڪري.

(2) پرو وائيس چانسيلر جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ وائيس چانسيلر جا اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو ۽ ڪيمپس جي سلسلي ۾ اهڙا ٻيا اختيار ۽ ڪم سرانجام ڏيندو جن لاءِ اهو مقرر ڪيو ويو آهي، جيئن چانسيلر ڪيس منتقل ڪري.

رجسٽرار
Registrar

12. (1) رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ سليڪشن بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن يونيورسٽي طئي ڪري.

(2) رجسٽرار هي ڪم ڪندو:

(a)يونيورسٽي جي عام مهر ۽ تعليمي رڪارڊس جو سنڀاليندڙ هوندو؛

(b)اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

ماليات جو ڊائريڪٽر
Director of Finance

13. (1) ڊائريڪٽر آف فنانس يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ سليڪشن بورڊ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪيو ويندو، جيئن يونيورسٽي طئي ڪري.

(2)ڊائريڪٽر آف فنانس هي ڪم ڪندو:

(a) يونيورسٽي جي ملڪيت، ماليات ۽ سيڙپڪاري سنڀاليندو؛

(b) يونيورسٽي جي ساليانيءَ نظرثاني ٿيل بجيٽ جا کاتا تيار ڪندو ۽ انهن کي ماليات ڪميٽي ۽ بورڊ جي سامهون پيش ڪندو؛

(c) اها پڪ ڪندو تہ يونيورسٽي جا فنڊس انهن مقصدن لاءِ استعمال ٿي رهيا آهن، جن لاءِ اهي جاري ڪيا ويا آهن؛ ۽

(d) اهو اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

امتحانن جو ڪنٽرولر
Controller of Examinations

14. امتحانن جو ڪنٽرولر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن معاملن لاءِ ذميدار هوندو ۽ اهڙيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ريزيڊنٽ آڊيٽر
Resident Auditor

15. ريزيڊنٽ آڊيٽر يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي فنڊ مان سمورين ادائگين جي پري آڊٽ جو ذميدار هوندو.

پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ جو ڊائريڪٽر
Director of Planning and Development

16. ڊائريڪٽر پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ يونيورسٽي جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ جو ذميدار هوندو ۽ وسيلن، سهولتن ۽ اثاثن لاءِ ننڍي مدي وارن ۽ ڊگهي مدي وارن ترقياتي منصوبن جي تياري جو پڻ ذميدار هوندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

باب _IV
يونيورسٽي جون اختياريون
Chapter_IV
Authorities of the

## باب _IV
## يونيورسٽي جون اٿارٽيز
## Chapter_IV
## Authorities of the University

University
اٿارٽيز
Authorities

17. يونيورسٽي جون هيٺيون اٿارٽيز هونديون:
(a) بورڊ آف گورنرس؛
(b) اڪيڊمڪ ڪائونسل؛
(c) بورڊس آف فيڪلٽيز؛
(d) بورڊس آف اسٽڊيز؛
(e) سليڪشن بورڊ؛
(f) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ؛
(g) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي؛
(h) ڊسيپلين ڪميٽي؛
(i) الحاق ڪميٽي؛ ۽
(j) اهڙيون ٻيون اٿارٽيز جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بورڊ آف گورنرس
Board of Governors

18.(1) بورڊ آف گورنرس هيٺين تي مشتمل هوندو:
(a) چانسيلر، جيڪو ان جو چيئرپرسن هوندو؛
(b) وائيس چانسيلر؛
(c) پرو وائيس چانسيلر؛
(d) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس يا سندس طرفان نامزد ڪيل هاءِ ڪورٽ جو جج؛
(e) چيئرپرسن، هائير ايجوڪيشن ڪميشن، يا ان طرفان نامزد ڪيل ڪميشن جو ڪل وقتي ميمبر؛
(f) ٻه ڊينس چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي مشوري سان مقرر ڪيا ويندا؛
(g) تعليم کاتي، حڪومت سنڌ جو سيڪريٽري يا سندس نامزد ڪيل؛

(h) چيمبرس آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز ڪراچي جو صدر؛

(i) قومي يا عالمي ساک جو هڪ سائنسدان بورڊ طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(j) فائونڊيشن طرفان چار بهترين ميرٽ رکندڙ ماڻهو مقرر ڪيا ويندا؛

(k) مختلف نظم و ضبط ۾ شعبن سان تعلق رکندڙ چئن نااليوارن ماڻهن کي چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيو ويندو؛

(l) رجسٽرار جيڪو بورڊ جي سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سالن جي مدي لاءِ عهدو رکي سگهندو، ۽ مدو ختم ٿيڻ تي ٻيهر نامزدگي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن اهو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا بنا سبب ڄاڻائڻ يا موڪل جي بورڊ جي لڳاتار ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي ٿو يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وڃي ٿي.

(4) عارضي آسامي اٿارٽي طرفان نامزد ڪيل شخص سان پري ويندي، جيڪو ميمبر نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي خالي آسامي پري ويندي.

(5) بورڊ ۾ آسامي يا ان جي جوڙجڪ ۾ نقص جي بنياد تي بورڊ جو ڪو به قدم يا ڪا به ڪارروائي غير موثر نه ٿيندا.

**بورڊ جا اختيار ۽ ذميواريون**
**Powers and Duties of the Board**

19.(1) بورڊ يونيورسٽي جي ايگزيڪيوٽو ۽ گورننگ باڊي هوندو ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ اسٽيچوٽس موجب، يونيورسٽي جي انتظام سميت سمورن معاملن جي عام نظرداري ڪندو.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت ۽ هن ايڪٽ ۽ قانونن جي گنجائشن سان تضاد ڪانسواءِ، بورڊ کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(i) يونيورسٽي جي ملڪيت، فنڊس تي ضابطو رکڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛

(ii) فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جي مشوري تي فنانسز اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي سيڙپ کي سنڀالڻ ۽ هلائڻ ۽ ان مقصد لاءِ اهڙا ايجنٽس مقرر ڪرڻ، جيئن اهو مناسب سمجهي؛

(iii) ساليانو ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ جي ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ فائونڊيشن کي مشورو ڏيڻ، ۽ خرچ جي ميجر هيڊ مان ٻئي ڏانهن فنڊس کي ڦيهر ونڊڻ ورڇڻ؛

(iv) يونيورسٽي طرفان منقول ۽ غير منقول ملڪيت جي منتقلي ڪرڻ ۽ منتقلي کي قبول ڪرڻ؛

(v) يونيورسٽي جي طرفان ٺيڪا منظور ڪرڻ، مڪمل ڪرڻ، تبديل ڪرڻ يا رد ڪرڻ؛

(vi) يونيورسٽي طرفان حاصل ڪيل يا خرچ ڪيل سمورين رقمن جي اڪائونٽس ۽ يونيورسٽي جي اثاثن ۽ وسيلن جا ڪتاب تيار ڪرڻ؛

(vii) ڪا ملڪيت حاصل ڪرڻ يا ملڪيت جي

منتقلي جو انتظام ڪرڻ ۽ يونيورسٽي کي مليل گرانٽس، تحفن، عطين، انڊومينٽس ۽ ٻين حصن جو انتظام ڪرڻ؛

(viii) خاص ڇاڻايل مقصدن لاءِ يونيورسٽي جي نيڪال وقت رکيل ڪن فنڊس جو انتظام ڪرڻ؛

(ix) طريقو طئي ڪرڻ، تحويل ۾ ڏيڻ ۽ يونيورسٽي جي عام مهر کي استعمال ۾ آڻڻ؛

(x) يونيورسٽي جا ڪم جاري رکڻ لاءِ عمارتون، لائبريريز، احاطا، فرنيچر، سامان، اوزار ۽ ٻيون گهربل شيون فراهم ڪرڻ؛

(xi) رهائش جا هالس ۽ هاسٽلس قائم ڪرڻ ۽ سنڀالڻ ۽ شاگردن جي رهائش لاءِ هاسٽلس يا لاجنگس جي منظوري ڏيڻ يا لائسنس جاري ڪرڻ؛

(xii) پروفيسرشپس، ايسوسيئيٽ پروفيسر شپس، اسسٽنٽ پروفيسر شپس، ليڪچرر شپس ۽ ٻيون ٽيچنگ جون آساميون پيدا ڪرڻ يا اهڙين آسامين کي سسپينڊ يا ختم ڪرڻ؛

(xiii) اهڙين انتظامي، تدريسي، تحقيقي نوعيت جي يا ٻين عهدن کي پيدا ڪرڻ، سسپينڊ يا ختم ڪرڻ، جيئن ضروري هجي؛

(xiv) استادن، عملدارن ۽ اهڙن ٻين ڪيڊرن تي سليڪشن بورڊ جي سفارشن تي مقرريون ڪرڻ، جيئن بورڊ طرفان طئي ڪيو ويو هجي؛

(xv) ناميارا ۽ منفرد پروفيسر اهڙين شرطن ۽ ضابطن موجب مقرر ڪرڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(xvi) بيان ڪيل شرطن موجب اڪيڊمڪ ڪائونسل جي سفارش تي اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(xvii) عملدارن، استادن ۽ يونيورسٽي جي ٻين ملازمن جون ذميداريون متعين ڪرڻ؛

(xviii) عملدارن، استادن ۽ ٻين ملازمن کي ڄاڻايل طريقيڪار موجب سسپينڊ ڪرڻ، ڏنڊ مڙهڻ ۽ ملازمت کان برطرف ڪرڻ؛

(xix) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛

(xx) چانسيلر کي پيش ڪرڻ لاءِ اسٽيچوٽس تجويز ڪرڻ؛

(xxi) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ضابطن تي غور ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ؛ بشرطيڪ بورڊ پنهنجي طور تي ضابطا جوڙي سگهي ٿو ۽ اڪيڊمڪ ڪائونسل سان مشوري ڪانپوءِ ان کي منظور ڪري سگهي ٿو.

(xxii) يونيورسٽي سان لاڳاپيل ٻين سمورن معاملن کي هلائڻ، طئي ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ، ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا سمورا اختيار استعمال ڪرڻ خاص طور تي جيڪي هن ايڪٽ ۽ اسٽيچوٽس ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن؛

(xxiii) پنهنجا ڪي بہ اختيار اٿارٽي يا آفيسر يا ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي کي سونپڻ؛ ۽

(xxiv) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن يا جيڪي اسٽيچوٽس تحت سونپيا وڃن.

20.(1) بورڊ سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ بہ ڀيرا گڏجاڻي | بورڊ جون گڏجاڻيون

| | |
|---|---|
| Meetings of the Board | ڪندو. اهڙين تاريخن تي جيڪي وائيس چانسيلر طرفان طئي ڪيون وينديون: بشرطيڪ هڪ خاص گڏجاڻي ڪنهن بہ وقت چانسيلر جي هدايت تي ڪوٺائي سگهجي ٿي يا بورڊ جي ميمبرن جي درخواست تي جيڪي چئن کان گهٽ نہ هجن، ضروري نوعيت جو معاملو سمجهي.<br>(2) خاص گڏجاڻيءَ لاءِ نوٽيس ڏهن ڏينهن کان گهٽ نہ هوندو. نوٽيس بورڊ جي ميمبرن کي ڏنو ويندو ۽ گڏجاڻيءَ جي ايجنڊا محدود ڪئي ويندي فقط ان معاملي لاءِ جنهن لاءِ خاص گڏجاڻي ڪوٺائي وئي آهي.<br>(3) بورڊ جي گڏجاڻيءَ لاءِ ڪورم سڀ ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر ڳڻي ويندي.<br>(4) بورڊ جا فيصلا موجود ميمبرن جي اڪثريت جي بنياد تي ۽ ووٽنگ ذريعي ڪيا ويندا ۽ جيڪڏهن ميمبر هڪ جيترا ورهائجي وڃن تہ بورڊ جي چيئرمين کي هڪ ڪاسٽنگ ووٽ حاصل هوندو. جيڪو استعمال ڪندو. |
| اڪيڊمڪ ڪائونسل<br>Academic Council | 21. (1) اڪيڊمڪ ڪائونسل مشتمل هوندي:<br>(i) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرپرسن هوندو.<br>(ii) پرو وائيس چانسيلر.<br>(iii) ڊينس.<br>(iv) ڊائريڪٽرس.<br>(v) يونيورسٽي پروفيسرس اميريٽس ۽ ناميارن پروفيسرس سميت.<br>(vi) تدريسي شعبن جا چيئرپرسنس. |

(vii) ٿي ناليوارا ماڻهو جيڪي عالمي سطح تي پنهنجي معاشري جي خدمت يا شعبي جي اڳواٽيءَ ۾ انٽيليڪچوئل ڪيليبر سبب ڄاتل سڃاتل هوندا، اهي چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي نامزد ڪيا ويندا؛

(viii) امتحانن جو ڪنٽرولر؛

(ix) لائبريرين؛ ۽

(x) رجسٽرار جيڪو سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.

(2) نامزد ڪيل ميمبر ٽن سال جي عرصي تائين عهدو رکي سگهندو ۽ مدو پورو ٿيڻ تي ٻيهر نامزد ٿيڻ جي لاءِ اهل هوندو.

(3) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن هو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٿارٽي جي لڳاتار ٽي گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا موڪل ڪانسواءِ غير حاضر رهي ٿو. يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

(4) اڪيڊمڪ ڪائونسل جي گڏجاڻي جو ڪورم سمورن ميمبرن جي اڌ برابر هوندو. جنهن جي نسبت هڪ برابر سمجهي ويندي.

اڪيڊمڪ ڪائونسل جا اختيار ۽ ذميواريون
Powers and duties of the Academic Council

22.(1) اڪيڊمڪ ڪائونسل يونيورسٽي جي اعليٰ ترين اڪيڊمڪ باڊي هوندي، ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانونن موجب، تدريس، اسڪالر شپ، تحقيق ۽ امتحانن جي خاص معيارن موجب رکڻ ۽ هلائڻ ۽ يونيورسٽي جي تدريسي سرگرمين کي هٿي وٺرائڻ جو اختيار حاصل هوندو.

(2) خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل گنجائشن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڪائونسل کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا:

(i) بورڊ کي تدريسي معاملن ۾ صلاح ڏيڻ؛

(ii) شاگردن کي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن ۾ ويهڻ لاءِ داخلا ڏيڻ؛

(iii) بورڊ کي فيڪلٽيز، تدريسي شعبن، ادارن ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ اسڪيمون آڇڻ؛

(iv) يونيورسٽي ۾ پڙهائي ۽ تحقيق جي پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ لاءِ آڇن تي غور ڪرڻ ۽ آڇون جوڙڻ؛

(v) بورڊ آف فيڪلٽيز ۽ بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن تي ضابطا جوڙڻ، جنهن ۾ پڙهائي جا ڪورسز ۽ يونيورسٽي جي سمورن امتحانن لاءِ نصاب به هوندو، بشرطيڪ جيڪڏهن بورڊس آف فيڪلٽيز ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جون سفارشون ڄاڻايل تاريخ تائين وصول نه ٿيون ٿين، ڪائونسل، بورڊ جي منظوري سان، ايندڙ سال لاءِ پڙهائي جا ڪورس جاري رکندي جيڪي اڳواٽ امتحانن لاءِ بيان ڪيا ويا آهن.

(vi) ٻين يونيورسٽيز ۽ امتحاني باڊيز جي امتحانن کي يونيورسٽي جي امتحانن برابر توثيق ڪرڻ؛

(vii) بورڊ کي پيش ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙڻ؛

(viii) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب مختلف اٿارٽيز ۾ ميمبر مقرر ڪرڻ؛ ۽

(ix) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان

ڪيا ويا هجن.

## باب _V

## اسٽيچوٽس، ضابطا ۽ قاعدا

## Chapter_V

## Statutes, Regulations and Rules

باب _V
قانون، ضابطا ۽ قاعدا
Chapter_V
Statutes, Regulations and Rules

اسٽيچوٽس
Statutes

23. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب، چانسيلر، هيٺ بيان ڪيل سمورن معاملن يا انهن مان ڪنهن هڪ لاءِ اسٽيچوٽس جوڙي ۽ نافذ ڪري سگهي ٿو، يعني:

(i) يونيورسٽي جي ملازمن جي ملازمت جا شرط ۽ ضابطا جوڙڻ، بشمول پي اسڪيل، پينشن جي جوڙجڪ، انشورنس، گريچوئٽي، پرووينڊنٽ فنڊ، بينيوولينٽ فنڊ ۽ ٻين لاڳاپيل فائدن لاءِ؛

(ii) استادن، محققن ۽ عملدارن جي ڪانٽريڪٽ تي مقررين جا شرط ۽ ضابطا؛

(iii) فيڪلٽيز، تدريسي شعبن ۽ ٻين اڪيڊمڪ يونٽس ۽ ڊويزنس جو قيام؛

(iv) عملدارن ۽ استادن جا اختيار ۽ ذميداريون؛

(v) ادارن جو الحاق ۽ الحاق ختم ڪرڻ ۽ لاڳاپيل معاملا؛

(vi) شرط جن تحت يونيورسٽي ٻين پبلڪ يا پرائيويٽ آرگنائيزيشنز سان تدريس، تحقيق ۽ ٻين عالماڻين سرگرمين جي انتظامن ۾ داخل ٿي سگهي ٿي؛

(vii) پروفيسرز اميريٽس ۽ نامور پروفيسرز جي مقرري جا شرط؛

(viii) اعزازي ڊگريون ڏيڻ؛

(ix) يونيورسٽي جي ملازمن جي صلاحيت جي ڪاٿي ۽ انهن خلاف انتظامي ڪارروائي لاءِ معيار؛

(x) يونيورسٽي جون ملڪيتون ۽ سيڙپڪاري حاصل ڪرڻ ۽ انتظام ڪرڻ؛ ۽

(xi) هن ايڪٽ تحت ٻيا سمورا معاملا جيڪي قانونن موجب بيان ڪرڻا يا هلائڻا آهن.

(2) قانونن جو ڊرافٽ بورڊ طرفان چانسيلر جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو، جيڪو بورڊ کي ٻيهر غور لاءِ واپس اماڻي سگهي ٿو.

(3) چانسيلر کي منظوري لاءِ اماڻيل قانونن کي منظوري ڏيڻ جو اختيار هوندو.

(4) ڪو بہ قانون موثر نہ هوندو، جيستائين چانسيلر طرفان منظور نہ ڪيو وڃي.

ضابطا
Regulations

24. (1) هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قانون موجب هيٺين سمورن يا انهن مان ڪن معاملن لاءِ ضابطا جوڙيا ويندا، يعني:

(i) يونيورسٽي جي ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ ڪورسز آف اسٽڊيز؛

(ii) يونيورسٽي ۾ شاگردن جي داخلا؛

(iii) شرط جن تحت شاگردن کي داخلا ڏني ويندي ۽ ڊگرين، ڊپلوماز ۽ سرٽيفڪيٽن لاءِ اهل هوندا؛

(iv) امتحان منعقد ڪرڻ؛

(v) يونيورسٽي جي پڙهائي جي ڪورسز ۽ امتحانن لاءِ شاگردن طرفان ادا ٿيندڙ فيس ۽ ٻيون لاڳتون؛

(vi) يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت ۽ نظم و ضبط؛

(vii) يونيورسٽي يا ڪاليجن جي شاگردن جي رهائش جا شرط، بشمول رهائش جي هالس ۽ هاسٽلس ۾ رهائش لاءِ فيس اوڳاڙڻ جي؛

(viii) هاسٽلس ۽ لاجنگس جي منظوري ۽ لائسنس جاري ڪرڻ؛

(ix) شرط جن تحت ڪنهن شخص کي ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد تحقيق جاري رکڻ ڏني ويندي؛

(x) فيلوشپس، اسڪالر شپس، ايگزيبيشنز، ميڊلز ۽ انعام ڏيڻ؛

(xi) وظيفا ۽ فري ۽ هاف فري اسسٽوڊنٽ شپس ڏيڻ؛

(xii) اڪيڊمڪ ڪاسٽيومس؛

(xiii) لائبريري جو استعمال؛

(xiv) تدريسي شعبن ۽ بورڊس آف اسٽڊيز جي جوڙجڪ؛

(xv) ٻيا سمورا معاملا جيڪي هن ايڪٽ، يا قانونن ذريعي يا ضابطن موجب بيان ٿيڻا آهن.

(2) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان ضابطا جوڙيا ويندا ۽ اهي بورڊ کي پيش ڪيا ويندا، جيڪو انهن کي منظور ڪندو يا منظوري روڪيندو يا انهن کي واپس اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ اماڻيندو.

(3) اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان جوڙيل ڪو بہ ضابطو تيستائين موثر نہ ٿيندو جيستائين ان جي چانسيلر طرفان منظوري نہ ڏني وڃي.

25. قانونن ۽ ضابطن ۾ واڌاري، ترميم ڪرڻ يا منسوخ ڪرڻ جو طريقيڪار ساڳيو هوندو جيڪو قانونن ۽ ضابطن جي جوڙڻ ۽ ناهڻ لاءِ ترتيبوار بيان ڪيل آهي.

استيچوٽس ۽ ضابطن جي ترميم ۽ منسوخي

Amendment and repeal of statutes and regulations

26. (1) اٿارٽيز ۽ يونيورسٽي جون ٻيون باڊيز هن ايڪٽ، استيچوٽس ۽ ضابطن موجب انهن جي ڪاروهنوار ۽ گڏجاڻين جي وقت ۽ هنڌ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قاعدا جوڙي سگهن ٿيون:

بشرطيڪ بورڊ ٻي ڪنهن اختياري يا باڊي طرفان هن دفعہ تحت جوڙيل ڪن بہ قاعدن ۾ ترميم ڪرڻ يا انهن کي ختم ڪرڻ جي هدايت ڪري سگهي ٿو:

بشرطيڪ وڌيڪ تہ جيڪڏهن اهڙي ٻي اٿارٽي يا باڊي اهڙين هدايتن سان مطمئن نہ آهي تہ اها فائونڊيشن کي اپيل ڪري سگهي ٿي، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

(2) بورڊ يونيورسٽي سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي بابت قاعدا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ تحت، خاص طور تي قانونن ۽ ضابطن ۾ بيان نہ ڪيا ويا هجن.

قاعدا

Rules

## باب _VI

## يونيورسٽي فنڊ

## Chapter_VI

## The University Fund

باب _VI

يونيورسٽي فنڊ

Chapter_VI

University Fund

يونيورسٽي فنڊ، آڊٽ ۽ اڪائونٽس
The University Fund, Audit and Accounts

27.(1) يونيورسٽي کي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ ان جي فيس، عطين، ٽرسٽس، تحفن، انڊومينٽس، گرانٽس ۽ ٻين سمورن وسيلن کان مليل رقم جمع ڪئي ويندي.

(2) يونيورسٽي جو ڪئپيٽيل ۽ ريڪرنٽ خرچ ان جي ڪمائي ۽ فائونڊيشن طرفان ڪيل مالي مدد ۽ ڪنهن ٻئي وسيلي، بشمول ٻين فائونڊيشنز، يونيورسٽيز ۽ فردن جي ۽ اهڙي وسيلي کان حاصل ڪيل رقم ذريعي هلايو ويندو.

(3) يونيورسٽي جا اڪائونٽس اهڙي طريقي سنڀاليا ويندا جيئن بورڊ طئي ڪري ۽ هر سال يونيورسٽي جو مالي سال ختم ٿيڻ کان چار مهينا اڳ انهن جي آڊٽ چارٽرڊ اڪائونٽنٽ طرفان ڪئي ويندي ۽ فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي طرفان منظوري ڏني ويندي.

(4) اڪائونٽس، آڊيٽر جي رپورٽ سان گڏ، بورڊ کي منظوري لاءِ پيش ڪيا ويندا.

(5) آڊيٽر جي رپورٽ تصديق ڪندي ته آڊيٽر آڊٽ جي معيارن ۽ تصديق موجب رپورٽ جوڙي آهي.

باب _VII
عام گنجائشون
Chapter_VII
General Provisions

## باب _VII
## عام گنجائشون
## Chapter_VII
## General Provisions

اٿارٽيز جي ميمبرز جي عهدي جو مدو
Term of office of members of

28. جڏهن نئين جوڙيل اٿارٽي جو ڪو ميمبر مقرر يا نامزد ڪيو ويو آهي، ان جي ملازمت جو مدو، جيئن هن ايڪٽ تحت طئي ڪيو ويو آهي، اهڙي تاريخ کان شروع ٿيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

Authorities

اٿارٽيز ۾ عارضي آسامين تي ڀرتي

Filling of Casual Vacancies in authorities

29. (1) ڪنهن اٿارٽي جي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل ميمبرن ۾ ڪنهن عارضي آسامي ڪي، ان شخص يا باڊي طرفان جنهن ان ميمبر کي مقرر يا نامزد ڪيو هو، جيترو جلد ٿي سگهي ڀريو ويندو ۽ آسامي تي مقرر ڪيل يا نامزد ڪيل شخص اهڙي اٿارٽي جو رهيل عرصي لاءِ ميمبر ٿيندو، جنهن شخص جي جاءِ تي اهو اٿارٽي جو ميمبر ٿيو آهي.

بشرطيڪ جتي اٿارٽي ۾ ڪا آسامي هجي، سواءِ بورڊ جي، اها ان سبب جي ڪري ڀري نہ ويندي تہ ميمبر ايڪس آفيشو هيو ۽ آسامي ختم ڪئي وئي هجي، يا تنظيم، ادارو يا ڪا ٻي باڊي، سواءِ يونيورسٽي جي ختم ڪئي وئي هجي يا ڪم ڪان روڪي وئي هجي، يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري اها غير فعال ٿي وئي هجي، اهڙي آسامي اهڙيءَ ريت ڀري ويندي جيئن چانسيلر بورڊ جي سفارش تي ڪا هدايت ڪري.

(2) نامزد ڪيل ميمبر جو عهدو خالي ٿي ويندو جيڪڏهن هو استعيفيٰ ڏئي ٿو يا اٿارٽي جي لڳاتار ٽي گڏجاڻين ۾ جوڳو سبب ڄاڻائڻ يا موڪل کانسواءِ غير حاضر رهي ٿو، يا سندس نامزدگي نامزد ڪندڙ اٿارٽي طرفان تبديل ڪئي وئي آهي.

اٿارٽيز جي ميمبرشپ بابت تڪرار

Disputes about membership of

30. (1) جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪنهن اٿارٽي ۾ نامزد ڪيل يا مقرر ڪيل ڪو شخص ڪنهن اٿارٽي جو ميمبر نہ رهندو، جيڪڏهن هن پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال ڪيو هجي،

جنهن لاءِ اهو نامزد يا مقرر ڪيو ويو هجي.

Authorities

(2) جيڪڏهن ڪنهن شخص جي اٿارٽي جي ميمبر ٿيڻ تي ڪو سوال اٿاريو وڃي ٿو تہ معاملو چانسيلر طرفان ٽن ماڻهن تي ٻڌل ڪميٽي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ ڪميٽي جو فيصلو حتمي هوندو.

ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ۽ اختيار
Constitution, Functions and Powers of other authorities

31. ٻين اٿارٽيز جي جوڙجڪ، ڪم ڪار ۽ اختيار جن لاءِ خاص گنجائش ناهي يا هن ايڪٽ تحت اٽپوري گنجائش آهي، اها ايئن هوندي جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اٿارٽي طرفان ڪميٽي جي مقرري
Appointment of Committee by the Authority

32. بورڊ، اڪيڊمڪ ڪائونسل يا ٻيون اٿارٽيز اهڙيون اسٽينڊنگ، اسپيشل يا ايڊوائيزري ڪميٽيز مقرر ڪري سگهن ٿا، جيئن اهي انهن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهن.

فرسٽ اسٽيچوٽس
First Statutes

33. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، شيڊول ۾ جوڙيل اسٽيچوٽس ايئن سمجهيا ويندا جيئن دفعہ 23 تحت اسٽيچوٽس جوڙيا ويا آهن ۽ تيستائين لاڳو رهندا جيستائين انهن ۾ ترميم نہ ڪئي وڃي يا انهن کي هن ايڪٽ تحت جوڙيل نون اسٽيچوٽس سان تبديل نہ ڪيو وڃي.

رنڊڪون هٽائڻ
Removal of difficulties

34. جيڪڏهن ڪنهن اٿارٽي جي پهرين جوڙجڪ يا ٻيهر جوڙجڪ جي هن ايڪٽ تحت لاڳو ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي يا ٻي صورت ۾ هن ايڪٽ جي

ڪنهن گنجائش جي عمل درآمد ٿيڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي، چانسيلر اهڙي رنڊڪ هٽائڻ لاءِ خاص هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو.

**اٿارٽيز جون ڪارروايون آسامين سبب غير موثر ٿيڻ**
**Proceedings of the Authorities and invalidated by vacancies**

35. ڪنهن اٿارٽي جو ڪو قدم، ڪارروائي، ٺهراءُ يا فيصلو فقط ڪنهن آسامي يا جوڙجڪ ۾ نقص يا اٿارٽي جي ميمبر جي مقرري ۽ نامزدگي ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نہ هوندو.

**دائره اختيار تي پابندي**
**Bar of Jurisdiction**

36. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن عدالت کي غور هيٺ آڻڻ، ڪارروائي ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ جو اختيار حاصل نہ هوندو.

**منسوخي ۽ حفاظت**
**Repeal and Saving**

37. (1) هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ تي، انڊس انسٽيٽيوٽ آف هائير ايجوڪيشن ايڪٽ، 2006 (2006 جو سنڌ ايڪٽ نمبر I) منسوخ ٿي ويندو.

(2) بشرطيڪ انڊس انسٽيٽيوٽ آف هائير ايجوڪيشن ايڪٽ، 2006 جي منسوخ ٿيڻ سان ذيلي دفعہ (1) هيٺ انڊس انسٽيٽيوٽ آف هائير ايجوڪيشن طرفان ڪجهہ بہ ڪيل، ڪو قدم کنيل، ذميواريون يا جوابداريون، حق ۽ اثاثا ورتل، مقرر ڪيل فرد يا بااختيار بڻايل، دائره اختيار ڏنل، انڊومنٽس، تحفا، فنڊ يا جوڙيل ٽرسٽس، عطيا يا گرانٽس ڏنل، اسڪالر شپون، اسٽوڊنٽ شپس، جوڙيل نمائشون، مراعتون ڏنل ۽ حڪم ڪيل، جيڪڏهن هن ايڪٽ

تحت جوڙيل قانونن، ضابطن يا قاعدن جي خلاف نہ آهن تہ اهي جاري رکيا ويندا، ۽ سمجهيو ويندو تہ اهي صحيح نموني سان هن ايڪٽ مطابق ڪيا ويا آهن، قدم کنيا ويا آهن، خرچ پڪا ڪيا ويا آهن، ڪا جائيداد حاصل ڪئي وئي آهي، ڪي ماڻهو مقرر ڪيا ويا آهن، ڪنهن کي اختيار ڏنو ويو آهي، ڪجهہ ٺاهيو جوڙيو ۽ ٺاهيو ويو آهي، ڪجهہ منظور ڪيو ويو آهي ۽ جاري ڪيو ويو آهي.

ضمانت
Indemnity

38. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، يونيورسٽي يا ڪنهن اختياري يا حڪومت جي ملازم يا يونيورسٽي يا ڪنهن شخص خلاف ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي نہ ٿيندي.

فرسٽ اسٽيچوٽس
(ڏسو دفعہ 45)
The First Statutes
(See section 45)

**فرسٽ اسٽيچوٽس**
**(ڏسو دفعہ 33)**
**The First Statutes**
**(See section 33)**

فيڪلٽيز
Faculties

1.(1) يونيورسٽي ۾ هيٺيون فيڪلٽيز شامل هونديون:
(a) سائنس جي فيڪلٽي؛
(b) هيلٿ ۽ ميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛
(c) انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛
(d) انفارميشن ٽيڪنالاجي جي فيڪلٽي؛
(e) آرٽس جي فيڪلٽي؛
(f) زراعت ۽ زرعي انجنيئرنگ جي فيڪلٽي؛
(g) وٽرنري ميڊيڪل سائنسز جي فيڪلٽي؛

(h) مئنيجمينٽ سائنسز جي فيڪلٽي؛

(i) قانون جي فيڪلٽي؛

(j) سوشل سائنسز ۽ اسلامي تعليم جي فيڪلٽي؛

(k) فارميسي جي فيڪلٽي؛

(l) فيشن ڊزائيننگ جي فيڪلٽي؛

(m) هيومنٽيز ۽ پرفارمنگ آرٽ جي فيڪلٽي؛

(n) ماس ڪميونيڪيشن جي فيڪلٽي؛

(o) متبادل توانائي جي فيڪلٽي؛

(p) ٽيڪسٽائيل جي فيڪلٽي؛

(q) فائين آرٽس جي فيڪلٽي؛

(r) وزيوئل اسٽڊيز جي فيڪلٽي؛

(s) ٻي ڪا فيڪلٽي جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي؛

(2) اسلامڪ ايجوڪيشن ۽ پاڪستان اسٽڊيز مسلمان شاگردن لاءِ لازمي هوندا ۽ غير مسلم شاگرد سمورين فيڪلٽيز ۾ ايٿڪس ۽ پاڪستان اسٽڊيز جا مضمون کڻي سگھندا.

(3) هر فيڪلٽي ۾ اهڙا ادارا، تدريسي شعبا، مرڪز يا ٻيا تدريسي ۽ تحقيقي يونٽس شامل هوندا، جيئن قانونن ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

**بورڊ آف فيڪلٽيز**
**Board of Faculties**

2. (1) هر فيڪلٽي جو هڪ بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:

(a) ڊينس؛

(b) پروفيسرس، ايسوسيئيٽ پروفيسرس ۽ فيڪلٽي ۾ شامل تدريسي شعبن جا چيئرمين؛

(c) فيڪلٽي ۾ شامل هر بورڊ آف اسٽڊيز جا ٻه ميمبر، لاڳاپيل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان نامزد ڪيا ويندا؛ ۽
(d) تي استاد اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان انهن جي مضمون ۾ خاص ڄاڻ جي بنياد تي نامزد ڪيا ويندا، جيڪي جيتوڻيڪ فيڪلٽي ۾ ڪم نه ڪندا هوندا، پر جن کي اڪيڊمڪ ڪائونسل جي خيال ۾ انهن کي فيڪلٽي حوالي ڪيل مضمونن تي خاص عبور حاصل هوندو.
(2) ذيلي دفعه (1) جي شقن (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.
(3) فيڪلٽي جي بورڊ جي گڏجاڻي جو ڪورم ان جي ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو، جيڪو هڪ جي نسبت سان ڳڻيو ويندو.
(4) هر فيڪلٽي جي بورڊ کي اڪيڊمڪ ڪائونسل ۽ بورڊ جي عام ضابطن موجب هيٺ ڄاڻايل اختيار حاصل هوندا:
(a) فيڪلٽي ۾ پڙهايل ويندڙ مضمونن جي پڙهائي ۽ تحقيق ۾ ربط قائم ڪرڻ؛
(b)فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز طرفان تجويز ڪيل ڪورسز ۽ نصاب جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي ويچارن سان گڏ اڪيڊمڪ ڪائونسل ڏانهن اماڻڻ؛
(c) فيڪلٽي ۾ شامل بورڊ آف اسٽڊيز جي سفارشن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ، پيپر سيٽرز ۽ ايگزيمينرس جي مقرري تي، سواءِ ريسرچ ۽ ڊگري ممتحن جي، جن جي

| | |
|---|---|
| | جاچ پڙتال وائيس چانسيلر ڪندو. |
| | (d) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن قانونن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. |
| ڊينس Deans | 3.(1) هر فيڪلٽي جو ڊين هوندو جيڪو بورڊ آف فيڪلٽي جو چيئرپرسن هوندو ۽ چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارش تي فيلٽي جي ٽن سڀ کان سينئر پروفيسرن منجهان مقرر ڪيو ويندو. |
| | (2)ڊين ٽن سالن لاءِ عهدو رکندو. |
| | (3) ڊين فيڪلٽي ۾ پڙهائيءَ ۾ ايندڙ ڪورسز جي ڊگريز ۾، سواءِ اعزازي ڊگريز جي اميدوارن کي داخلا ڏيندو. |
| | (4) ڊين اهڙا ٻيا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙيون ٻيون ذميواريون سرانجام ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي. |
| تدريسي شعبو Teaching Department | 4. (1) هر مضمون يا لاڳاپيل مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ تدريسي شعبو هوندو. جيئن منظور ڪيو ويو هجي ۽ هر تدريسي شعبي جو هڪ چيئرپرسن سربراهه هوندو. |
| | (2) تدريسي شعبي جو چيئرپرسن بورڊ طرفان شعبي جي سينئر ترين استادن منجهان مقرر ڪيو ويندو. |
| | (3) تدريسي شعبي جو چيئرپرسن هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڊپارٽمينٽ جي ڪم جو منصوبه بندي ڪندي، انتظام ڪندو ۽ نظرداري ڪندو ۽ پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڪيل ڪم بابت فيڪلٽي جي ڊين کي جوابده هوندو. |
| بورڊ آف اسٽڊيز | 5. (1) هر مضمون يا مضمونن جي گروپ لاءِ هڪ ڌار |

Board of Studies

بورڊ آف اسٽڊيز هوندو، جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

(2) هر بورڊ آف اسٽڊيز مشتمل هوندو:

(i) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرپرسن جيڪو ان جي چيئرپرسن ۽ ڪنوينر طور ڪم ڪندو؛

(ii) لاڳاپيل تدريسي شعبي ۾ سمورا پروفيسر ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسر؛

(iii) اهڙا يونيورسٽي جا استاد، سواءِ پروفيسرز يا ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(iv) ٻه ماهر، سواءِ يونيورسٽي جي استادن جي، وائيس چانسيلر طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(3) سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرز جي بورڊ آف اسٽڊيز جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.

(4) بورڊ آف اسٽڊيز جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ميمبرز جي ڪل انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي؛

(5) بورڊ آف اسٽڊيز جا ڪم هن ريت هوندا:

(i) اٿارٽيز کي لاڳاپيل مضمونن ۾ تدريس، تحقيق ۽ امتحانن سان لاڳاپيل سمورن تعليمي معاملن بابت صلاح ڏيڻ؛

(ii) مضمون يا لاڳاپيل مضمون ۾ سمورين ڊگريز، ڊپلوما ۽ سرٽيفڪيٽ ڪورسز لاءِ ڪورس ۽ نصاب تجويز ڪرڻ؛

(iii) لاڳاپيل مضمونن ۾ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جي

نالن جو پينل تجويز ڪرڻ؛ ۽
(iv) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اعليٰ مطالعن ۽ تحقيق جو بورڊ
Board of Advanced studies and Research

6. (1) هڪ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق جو بورڊ هوندو، جيڪو مشتمل هوندو:
(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرپرسن هوندو؛
(ii) پرو وائيس چانسيلر؛
(iii) ڊينس؛
(iv) تي يونيورسٽي جا پروفيسرز، سواءِ ڊينس جي، چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(v) تي يونيورسٽي جا استاد جن کي تحقيق ۾ لياقت ۾ تجربو هجي، اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان مقرر ڪيا ويندا؛
(vi) تي ناميارا عالم ان ميدان ۾ جيڪو بورڊ آف ايڊوانسڊ اسٽڊيز اينڊ ريسرچ ۾ موجود نہ هجن اهي چانسيلر طرفان اڪيڊمڪ ڪائونسل جي سفارش تي مقرر ڪيا ويندا؛ ۽
(vii) پروفيسرس اميريٽس.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرس ڪانسواءِ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي ميمبرز جي آفيس جو مدو ٽي سال هوندو.
(3) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرز جي انگ جي اڌ برابر هوندو، جنهن جي نسبت هڪ برابر هوندي.
(4) اعليٰ تعليم ۽ تحقيق بورڊ جا ڪم هيٺين ريت

هوندا:

(i) يونيورسٽي ۾ اعليٰ تعليم ۽ تحقيق کي هٿي وٺرائڻ سان لاڳاپيل سمورن معاملن تي اٿارٽيز کي صلاح ڏيڻ؛

(ii) يونيورسٽي ۾ تحقيق جي ڊگري ڏيڻ لاءِ غور ڪرڻ ۽ اٿارٽيز کي رپورٽ ڪرڻ؛

(iii) تحقيقي ڊگري ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛

(iv) تحقيق جي شاگردن لاءِ انهن جي ٿيسز جو مضمون طئي ڪرڻ لاءِ سپروائيزرس مقرر ڪرڻ؛

(v) بورڊ آف اسٽڊيز جي تجويزن تي غور بعد تحقيقي امتحانن لاءِ پيپر سيٽرس ۽ ممتحن جا نالا تجويز ڪرڻ؛ ۽

(vi) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيئن اسٽيچوٽس ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

سليڪشن بورڊ
Selection Board

7. (1) هڪ سليڪش بورڊ هوندو، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) وائيس چانسيلر جيڪو چيئرپرسن هوندو؛

(ii) بورڊ جو هڪ ميمبر ۽ ٻه ناليوارا ماڻهو بورڊ طرفان نامزد ڪيا ويندا، بشرطيڪ انهن مان ڪو به يونيورسٽي جو ملازم نہ هوندو؛

(iii) لاڳاپيل فيڪلٽي جو ڊين؛

(iv) لاڳاپيل تدريسي شعبي جو چيئرپرسن؛

(v) فائونڊيشن طرفان ٻه ميمبر نامزد ڪيا ويندا؛

(vi) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ سليڪشن بورڊ جا ميمبر ٽن سالن لاءِ عهدو رکندا.

(3) سليڪشن بورڊ جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل

ميمبرز جي اڌ برابر هوندو.

(4) سليڪشن بورڊ جو ڪو به ميمبر جيڪو جنهن آسامي تي مقرري لاءِ اميدوار آهي، اهو سليڪشن بورڊ جي ڪارروائي ۾ حصو نه وٺي سگهندو.

(5) پروفيسرس ۽ ايسوسيئيٽ پروفيسرس جي عهدن تي اميدوارن جي چونڊ ۾، سليڪشن بورڊ ٽن ماهرن کي مقرر ڪندو يا انهن سان مشورو ڪندو ۽ بين ٽيچنگ پوسٽس تي اميدوار چونڊڻ ۾، لاڳاپيل مضمون ۾ به ماهر وائيس چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا. سليڪشن بورڊ جي سفارش تي بورڊ طرفان منظور ڪيل هر مضمون جي ماهرن جي فهرست تي وقت به وقت نظرثاني ڪئي ويندي.

(6) سليڪشن بورڊ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) سليڪشن بورڊ اشتهار جي نتيجي ۾ سمورين تدريسي ۽ بين آسامين تي وصول ٿيندڙ درخواستن تي غور ڪندو ۽ اهڙين آسامين تي موزون اميدوارن جا نالا مقرري لاءِ بورڊ کي تجويز ڪندو؛

(ii) سليڪشن بورڊ اعليٰ تعليمي يافته شخص کي يونيورسٽي ۾ عهدي تي مقرري لاءِ شرطن ۽ ضابطن موجب بورڊ کي سفارش ڪري سگهي ٿو جيئن بيان ڪيو ويو هجي؛

(iii) سليڪشن بورڊ يونيورسٽي جي سمورن عملدارن جي ترقين جا سمورا ڪيس غور هيٺ آڻيندو ۽ موزون اميدوارن جا اهڙين ترقين لاءِ نالا بورڊ کي اماڻيندو؛ ۽

(iv) سليڪشن بورڊ ۽ بورڊ جي راءِ ۾ فرق جو مسئلو

حل نہ ٿيڻ تي، معاملو چانسيلر ڏانهن اماڻيو ويندو، جنهن جو فيصلو حتمي هوندو.

**ماليات ۽ منصوبابندي ڪميٽي**
**The finance and Planning Committee**

8. (1) هڪ فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:
(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرپرسن هوندو.
(ii) پرو وائيس چانسيلر.
(iii) فائونڊيشن طرفان ٻہ نامزد ڪيل.
(iv) بورڊ طرفان هڪ نامزد ڪيل.
(v) فنانس ۽ پلاننگ جي ميدان ۾ تي ماهر چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا.
(vi) هڪ ڊين چانسيلر طرفان وائيس چانسيلر جي سفارشن تي نامزد ڪيو ويندو.
(vii) يونيورسٽي جو ڊائريڪٽر فنانس ميمبر/سيڪريٽري هوندو.
(2) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابر هوندو.
(3) فنانس ۽ پلاننگ ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(i) سالياني اڪائونٽ جي اسٽيٽمينٽ تي غور ڪرڻ ۽ سالياني ۽ نظرثاني ٿيل بجيٽ ڪاٿن تي غور ڪرڻ ۽ بورڊ کي ان سلسلي ۾ صلاح ڏيڻ.
(ii) يونيورسٽي جي مالي حيثيت جو سلسليوار جائزو وٺڻ.
(iii) بورڊ کي پلاننگ، ڊولپمينٽ، فنانس انويسٽمينٽ ۽ يونيورسٽي جي اڪائونٽس سان لاڳاپيل سمورن

معاملن تي صلاح ڏيڻ؛
(iv) ٿوري مدي ۽ ڊگهي مدي وارا ترقياتي منصوبا تيار ڪرڻ؛
(v) اسٽاف ۽ ريسورس ڊولپمينٽ منصوبا تيار ڪرڻ؛ ۽
(vi) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ، جيڪي قانونن ۾ بيان ڪيل هجن.

نظم و ضبط ڪميٽي ۽ ان جا ڪم
Discipline Committee and its functions

9. (1) ڊسيپلين ڪميٽي هيٺين تي مشتمل هوندي:
(i) وائيس چانسيلر يا ان جو نامزد ڪيل؛
(ii) پرو وائيس چانسيلر؛
(iii) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛
(iv) هڪ ميمبر فائونڊيشن طرفان نامزد ڪيو ويندو؛ ۽
(v) شاگردن جي معاملن جو هڪ استاد يا آفيسر انچارج ڪهڙي به نالي سان هجي جيڪو ميمبر سيڪريٽري طور ڪم ڪندو.
(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڊسيپلين ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو.
(3) ڊسيپلين ڪميٽي جي گڏجاڻيءَ جو ڪورم ٽي ميمبر هوندو.
(4) ڊسيپلين ڪميٽي جا ڪم هيٺين ريت هوندا:
(i) اڪيڊمڪ ڪائونسل کي يونيورسٽي جي شاگردن جي چال چلت، نظم و ضبط ۽ بداخلاقي جي ڪيسن سان منهن ڏيڻ لاءِ ضابطا تجويز ڪرڻ؛ ۽
(ii) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيڻ جيڪي ان کي قانونن ۽

ضابطن موجب سونپيا وڃن.

10. (1) هڪ الحاق ڪميٽي هوندي، جيڪا هيٺين تي مشتمل هوندي:

الحاق ڪميٽي
Affiliation Committee

(i) وائيس چانسيلر، جيڪو چيئرپرسن هوندو؛

(ii) پرو وائيس چانسيلر؛

(iii) هڪ ميمبر چانسيلر طرفان نامزد ڪيو ويندو؛

(iv) ٻه پروفيسر اڪيڊمڪ ڪائونسل طرفان نامزد ڪيا ويندا؛

(2) ايڪس آفيشو ميمبرن کانسواءِ ڪميٽي جي ميمبرن جي آفيس جو مدو ٻه سال هوندو؛

(3) الحاق ڪميٽي ماهر مقرر ڪندي، جيڪي ٽن کان وڌيڪ نه هوندا.

(4) الحاق ڪميٽي جي گڏجاڻي يا جاچ جو ڪورم ڪل ميمبرن جي اڌ برابرهوندو.

(5) يونيورسٽي جو هڪ عملدار وائيس چانسيلر طرفان ڪميٽي جي سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويندو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**